غریب فائدے میں ہے (سندھی)



# غريب فائدي ۾ آهي

**پيشڪش: المدينة العلميه**

(9 جمادي الاولٰي 1410 ھ، 7 ڊسمبر 1989ء) خميس جي ڏينهن هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شَيخ طَرِيقَت، اَمِيرِ اَهلِسُنّت، بانيءِ دعوتِ اِسلامي، حَضرَت علّامه مولانا ابُو بِلال **مُحَمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي** دَامت بَرَكاتُهم العاليه دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز جامع مسجد گلزار حبيب (واقع گلستان اوڪاڙوي باب المدينہ ڪراچي) ۾ ”غربت جون برڪتون“ جي عنوان مان بيان فرمايو، جنهن جي مدد سان هي رسالو نئي مواد جي ڪافي اضافي سان مُرَتّب ڪيو ويو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماء! اي عظمت ۽ بزرگي وارا (مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



رسالي جو نالو: غريب فائدي ۾ آهي
ڇاپو پهريون: جمادي الاول 1436هہ، مارچ 2015ع
تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ، بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

# غريب فائدي ۾ آهي

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه**

**محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# غريب فائدي ۾ آهي

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهو، ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب جي لاجواب خزانن سان گڏو گڏ غربت جي فضيلتن ۽ برڪتن جي معلومات حاصل ٿيندي.

## درود شريف جي فضيلت

صحابيءِ مصطفيٰ حضرت سَيِّدُنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي والد گرامي حضرت سَيِّدُنا سَمُرَه سُوائي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ روايت فرمائن ٿا تہ اسين سرڪار عالي وقار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ گوھر بار ۾ حاضر هئاسين تہ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو. يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ سڀ کان سنو عمل ڪهڙو آهي تہ محبوب خدا، سرور انبياء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو"سچ ڳالهائڻ ۽ امانت ادا ڪرڻ" (حديث جي راوي حضرت سيِّدُنا سَمُرَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائين ٿا) مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ ڪجهہ ارشاد فرمايو! فرمايائون ڪثرت سان ذڪر ۽ مون تي دُرود پاڪ پڙهڻ چو تہ هي عمل فُقر (يعني غربت) کي دور ڪري ٿو.

(القول البديع، الباب الثاني في ثواب الصلاة علي رسول الله .... الخ، ص273 مختصراً)

بہرِ رَفعِ مَرَض و زَحمت و رنج و کُلفَت — ڈھونڈتے پھرتے ہیں وہ لوگ کہاں کا تعویذ
تم پڑھو صاحبِ لَولاک پہ کثرت سے دُرُود — ہے عجب دردِ نِہاں اور اَماں کا تعویذ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مُصطَفٰے صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## شير خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي قناعت

حضرت سيدنا سُويد بن غفلہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ آئون امير المؤمنين حضرت مَولائي ڪائنات، علي المرتضيٰ شير خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي خدمت سراپا عظمت ۾ دَارُالامارة ڪوفي ۾ حاضر ٿيس. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي سامهون جَو شريف جي ماني ۽ کير جو هڪ پيالو رکيل هو. ماني سُڪَل ۽ ايتري قدر سخت هُئي جو ڪڏهن پنهنجي هٿن سان تہ ڪڏهن پنهنجي گوڏن تي رکي ٽوڙي رهيا هئا. اهو ڏسي مون پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي ٻانهي فِضّہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي چيو اوهان کي انهن تي رحم ڪون ٿو اچي؟ ڏسو تہ سهي ماني ۽ تي ڇاڻ (ٻوسي) لڳل آهي انهن لاءِ جَوَ شريف ڇاڻي ڪري نرم ماني پچائينديون ڪريو جيئن ٽوڙڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي فضّہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جواب ڏنو: امير المؤمنين كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم اسان کان واعدو ورتو آهي تہ انهن لاءِ ڪڏهن بہ جَوَ شريف ڇاڻي ڪري ماني نہ پچائي وڃي ايتري ۾ امير المؤمنين كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم مون ڏانهن متوجه ٿيا ۽ فرمايائون! اي ابن غفلہ!اوهان هن ڪنيز (ٻانهي) کي ڇا فرمائي رهيا آهيو؟ مون جيڪو ڪجهہ چيو هو عرض ڪري ڇڏيو ۽ التجاء ڪئي يا امير المؤمنين! اوهان پنهنجي جان تي رحم فرمايو ۽ ايتري تڪليف نہ ڪٽو. تہ پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايو، اي ابن غفلہ! ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن گهر وارن ڪڏهن بہ ٽي ڏينهن

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

مسلسل ڪڏڪ جي ماني پيٽ پري نه کاڌائون ۽ نه ئي ڪڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ اٽو ڇاڻي پچايو ويو. هڪ دفعو مدينہ منوره زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّتَعْظِیْمًا ۾ بک گهڻو تنگ ڪيو ته آئون مزدوري لاءِ نڪتس. ڏٺو ته هڪ عورت مٽي جا ڳنڍا گڏ ڪري ان کي پسائڻ چاهيو ٿي مون ان کان في ڏبو هڪ کجور اجرت طعي ڪئي ۽ سورهن ڏبا وجهي ڪري ان مٽيءَ کي پسائي ڇڏيو. ايتري تائين جو منهنجي هٿن ۾ فوڙا (لِفون) پئجي ويون پوءِ اهي کجورون کڻي آئون حضور اڪرم، نور مُجسم، شاهه بني آدم، رسول مُحتشم، شافع اُمَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ سڄو واقعو بيان ڪيو ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم به ان مان ڪجهه کجورون تناول فرمايون. (تذڪرة الخواص، الباب الخامس، ص 112، فيضان سنّت، 369/1) **الله رَبُّ العِزَّت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دل کي نرم ڪرڻ جو نسخو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! امير المؤمنين حضرت مَولائي ڪائنات، علي المرتضيٰ شير خدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم جي سادگي تي اسان جي جان قربان ٿئي. ايترين تڪليفون برداشت ڪرڻ جي باوجود زبان تي ڪڏهن به شڪايت جا لفظ نه آندائون. ڪاڏي سان گڏوگڏ سندن لباس به تمام سادو هوندو هو. هڪ دفعي پاڻ ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو، توهان پنهنجي قميص ۾ چتيون ڇو لڳائيندا

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

آهيو ؟ فرمايو. يَخْشَعُ الْقَلْبُ وَيَقْتَدِىْ بِهِ الْمُؤْمِنُ يعني ان سان دل ۾ خشوع (عاجزي، خوف) پيدا ٿيندو آهي ۽ ان سان ماڻهو مؤمن پانهي جي اقتدا (پيروي) ڪندا آهن. (حيلة الاولياء، علي بن ابي طالب، 124/1،رقم 254)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غُربت الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت، نبي رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاهت، تمام گهڻي فضيلت ۽ بيشمار فائدن جو ذخيرو آهي انهي ڪري الله وارن غربت کي پسند فرمايو آهي.

## غربت جا فائدا

حضرت سيِّدُنا اِبراهيم بن بَشّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار فرمائن ٿا ته آئون حضرت سيدنا ابراهيم بن اَدْهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم سان گڏ سفر تي هئس ۽ اسان ٻئي روزي سان هئاسين پر اسان وٽ اِفطاري جي لاءِ ڪجھ به نه هو ۽ نه ئي ڪي اهڙا ظاهري سبب نظر اچي رهيا هئا جن سان اِفطاري جو انتظام ڪري سگهجي. منهنجي انهي سوچ کي ڏسي ڪري حضرت سيِّدُنا ابراهيم بن اَدْهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم ارشاد فرمايو "اي ابن بَشّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَفَّار! الله عَزَّوَجَلَّ غريبن ۽ مسڪينن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪيتري قدر نعمتن ۽ راحتن سان نوازيو آهي قيامت جي ڏينهن نه ان کان زڪوات جي باري ۾ پڇو ويندو ۽ نه حج، صدقي، صله رحمي ۽ حسن سلوڪ جي باري ۾ حساب ڪتاب ٿيندو، جڏهن ته مالدارن کان انهن سڀ شين جي باري ۾ سوال ٿيندو. دنيا جا هي امير ۽ سرمائيدار آخرت ۾ غريب و نادار ۽ صرف دنياوي عزت

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

دار اتي ذليل و خوار هوندا، توهان فڪر نہ ڪريو، الله عَزَّوَجَلَّ روزي جو ضامن آهي اهو توهان جي لاءِ روزي جو انتظام فرمائيندو اسان انهن دنياوي اميرن کان گهڻا امير آهيون. دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامل مسرت اسان کي حاصل آهي نہ رنج و غم آهي ۽ نہ ان جي پرواهہ تہ اسان جي صبح ڪيئن ٿي ۽ شام ڪيئن؟ بس شرط هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري جي معاملي ۾ ڪوتاهي آڏو نہ اچڻ ڏيون.“ اهو فرمائي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نماز ۾ مشغول ٿي ويا ۽ مون بہ نماز شروع ڪري ڇڏي ٿوري دير کان پوءِ هڪ شخص اسان وٽ 8 مانيون ۽ تمام گهڻيون ڪجورون ڪڻي آيو ۽ هي ڇئي واپس هليو ويو تہ ڪائو! الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي، حضرت سيِّدُنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم مون کي فرماي ”وٺو ۽ ڪائو“ جيئن ئي اسان ڪاڌو ڪائڻ لڳاسين، تہ هڪ سوالي اچي صدا لڳائي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي تي مون کي ڪجهہ ڪاڌو ڏيو. حضرت سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم ٽي مانيون ۽ ڪجهہ ڪجورون ان ضرورت مند کي ڏنيون ۽ فرمايو. ”غم خواري ڪرڻ اهل ايمان جو حصو آهي“ (روض الرياحين، ص 272) الله رَبُّ العِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مانندِ شمع تیری طرف لَو لگی رہے
دے لطف میری جان کو سوز و گداز کا

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ
بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

## غريب ۽ فقير 500 سال پهرين جنت ۾

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل واقعي مان خبر پئي تہ فقر و غربت باعث سعادت آهي نڪي باعث آفت. غريبن ۽ مسڪينن جا آخرت ۾ مزا هوندا. ڇو تہ مالي عبادتون جيئن زڪوات، فطرو، حج وغيره جي بابت پڇا ڳاڇا کان مامون (يعني امن ۾) هوندا. ڇو تہ هي حڪم مالدار ۽ پهچ رکندڙ مسلمانن جي لاءِ آهي. محشر جي ڏينهن مالدار بارگاهہ رَبِ ذُوالجَلال عَزَّوَجَلَّ ۾ پنهنجي مال بابت حساب ڪتاب ڏيڻ ۾ مشغول هوندا. هيڏاهن نادار مسلمان الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت و مشيت سان جنت ۾ داخل ٿي رهيا هوندا. ۽ ائين جنّت ۾ فقيرن ۽ غريبن جو داخل ٿيڻ اميرن کان اڳي هوندو. جيئن حضرت سيِّدُنا ابو هُريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبيءِ ڪريم رَءُوف رَّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي تہ مسلمان فقير مالدارن کان اڌ ڏينهن پهرين جنّت ۾ داخل ٿي ويندا ۽ اهو اڌ ڏينهن 500 سالن جي برابر هوندو. (ترمذي، ڪتاب الزهد، باب ماجاء آن فقراءالمهاجرين الخ، 158/4حديث2361)

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار نعمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی غريبن جو اميرن کان 500 سال پهرين جنت ۾ داخل ٿيڻ جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا. خيال رهي تہ اها دير حساب جي سبب نہ ٿيندي رب تعاليٰ سڄي عالَم جو حساب تمام جلدي وٺندو. هي انهن فقيرن جي شان ڏيکارڻ جي لاءِ هوندو تہ اميرن کي حساب جي نالي تي روڪيو ويو ۽ فقيرن کي جنّت ڏانهن هلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

مفتي صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ 500 سالن جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا. يعني قيامت جو ڏينهن هڪ هزار سالن جو آهي رب تعاليٰ فرمائي ٿو.

وَاِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿۴۷﴾ (پ 17، الحج: 47)

**ترجموڪنزالايمان**: بيشڪ تنهنجي رب وٽ هڪ ڏينهن اهڙو آهي جيئن توهان ماڻهن جي ڳڻپ ۾ هزار سال.

ڪِن کي پنجاهه هزار سال جو محسوس ٿيندو ان جي بابت رب فرمائي ٿو:

فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ﴿۴﴾ (پ 29، المعارج: 4)

**ترجموڪنزالايمان**: اهو عذاب ان ڏينهن ٿيندو جنهن جو اندازو پنجاهه هزار سال آهي.

۽ ڪِن مؤمنن کي گهڙي پر جو محسوس ٿيندو. رَب تعاليٰ فرمائي ٿو:

فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ﴿۹﴾ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ ﴿۱۰﴾ (پ 29، المدثر: 9-10)

**ترجموڪنزالايمان**: پوءِ اهو ڏينهن ڏاڍو سخت ڏينهن آهي. ڪافرن تي آسان نہ آهي.

انهيءَ لاءِ آيتن ۾ اختلاف نہ آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن پنجاهه هزار سال جو هجي پر ڪنهن کي هڪ هزار سال جو محسوس ٿئي ۽ ڪنهن کي ان کان بہ گهٽ بلڪ نيڪوڪارن کي هڪ گهڙيءَ جو محسوس ٿيندو جيئن هڪ رات آرام ڪرڻ واري کي ننڊ محسوس ٿئي ٿي ۽ تڪليف واري کي وڏي. (مرأة الناجيح 67/7 بتصرف)

عذابِ قبر و محشر سے بچالو نارِ دوزخ سے خدارا ساتھ لے کے جاؤ جنّت یا رسول اللہ! (وسائلِ بخشش)

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# غربت تي صبر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي سڀ فضيلتون اُن غريب مسلمان جي لاءِ آهن جيڪو پنهنجي غربت تي صبر ڪري.هر وقت مال جمع ڪرڻ واري چڪر ۾ رهڻ وارو، اميرن ۽ ان جي نعمتن ڪي ڏسي دل ساڙڻ يا حسد جي آفت ۾ ڦاسڻ وارو، مفلس و نادار جيڪو پنهنجي غربت تي صبر ڪرڻ وارو نہ آهي اهو بيان ڪيل انعام جو حقدار نہ آهي ۽ جيڪڏهن بدقسمتي سان بي صبري ۾ وڏيڪ اڳتي وڌي ويو تہ پوءِ ذلت ۽ رسوائي مقدر بڻجي سگهي ٿي. بس غريبن ۽ مصيبت جي مارين کي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندو رهڻ گهرجي ڇو تہ ٿي سگهي ٿو انهن آفتن جي ذريعي وڏي آزمائش ۾ وڌو ويو هجي ۽ گلاشڪوا، غربت ۽ مصيبت کي حرام جي ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ آخرت ۾ تباهي جو سبب بڻجي وڃي. حضرت سيِّدُنا امام محدث ابن جَوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا” محتاجي هڪ مرض مثل آهي جيڪو ان ۾ مبتلا ٿيو ۽ صبر ڪيو. ان کي ان جو اجر ۽ ثواب ملندو. انهيءَ ڪري محتاج ۽ غريب جنهن پنهنجي فقر ۽ غربت تي صبر ڪيو. اميرن کان 500 سال پهرين جنت ۾ داخل ٿي ويندا“ (تلبيس ابليس، ص 225)

رہیں سب شاد گھر والے شہا تھوڑی سی روزی پر
عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یا رسول اللہ! (وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## ڇا مالدار غريبن کان عمل ۾ وڌيڪ آهن؟

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته مهاجرين فقراء بارگاهه رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون. يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم !مالدار ماڻهون بلند مرتبا ۽ ابدي (دائمي) نعمتون کٽي ويا. سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو.اهو ڪيئن؟ ته انهن عرض ڪيو؛اهي اسان وانگر نماز پڙهن ٿا ۽ اسان وانگر روزا به رکن ٿا،اهي صدقو ڪن ٿا. اسان صدقو نٿا ڪري سگهون،اهي غلام آزاد ڪن ٿا،اسان غلام آزاد نٿا ڪريون ته سرڪار عالي وقار غريبن جي غم گُسار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جِن ارشاد فرمايو ڇا آئون توهان کي اهڙي شيءِ نه سيکاريان جنهن جي ذريعي توهان انهن ماڻهن سان گڏ ملي وڃو جيڪي توهان کان اڳيان آهن ۽ ان کان اڳيان نڪري وڃو جيڪي توهان کان پوئتي آهن ۽ ڪير به توهان کان افضل نه هجي سوائي ان شخص جي جيڪو توهان وانگر عمل ڪري. صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ضرور سيکاريو. ارشاد فرمايو ”توهان هر نماز کان پوءِ 33،33 دفعا تسبيح (سُبْحٰنَ اللّٰهِ) تحميد (اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ) ۽ تکبير (اَللّٰهُ اَكْبَرُ) پڙهندا ڪريو.“ (مسلم ڪتاب المساجد الخ، باب اسحباب ذکر بعد الصلاة الخ، ص 300 حديث 95)

میں بے کار باتوں سے بچ کر ہمیشہ کروں تیری حمد و ثنا یا الٰہی (وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

# غريب ۽ مسڪين خليفو

دعوت اسلامي جي ڇپائي واري اداري مكتبة المدينہ جي ڇاپيل 590 صفحن جي ڪتاب ”حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز جون 425 حڪايتون“ جي187 صفحي تي آهي اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْعَزِيز جي خدمت ۾ عيد کان هڪ ڏينهن پهرين پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جون شهزاديون حاضر ٿيون ۽ چيائون بابا جان! سڀاڻي عيد جي ڏينهن اسان ڪهڙا ڪپڙا پائينديوسين؟ پاڻ فرمايائون: ”اهي ڪپڙا جيڪي توهان کي پاتل آهن.انهن کي ڌوئي سڀاڻي پائي وڃو! نہ! بابا جان! توهان اسان کي نوان ڪپڙا نهرائي ڏيو،“ٻارڙين ضد ڪندي چيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو. مهنجيون ٻچيون! عيد جو ڏينهن الله رَبُّ الْعِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ ۽ ان جي شڪر ڪرڻ جو ڏينهن آهي، نوان ڪپڙا پائڻ ضروري ڪونهي. بابا جان توهان جو فرمان بيشڪ صحيح آهي پر اسان جون سهيليون اسان کي طعنا ڏينديون تہ توهين امير المؤمنين جون ڇوڪريون آهيو ۽ عيد جي ڏينهن بہ اهي ئي پراڻا ڪپڙا پاتل آهن اهو چوندي ٻارڙين جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. ٻارڙين جون ڳالهيون ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو دل بہ پرجي آيو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه وزيرِ ماليات (خزانچي) کي گهرائي چيو. مون کي منهنجي هڪ مهيني جي پگهار ايڊوانس ڏيو. وزير عرض ڪيو، حضور! ڇا توهان کي يقين آهي تہ توهان هڪ مهينو زنده رهندا؟

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايو جزاڪ الله بيشڪ توهان سني ۽ صحيح ڳالهہ چئي. وزير هليو ويو. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ بارڙين کي فرمايو. پياريون ٻچيون! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ و رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا تي پنهنجيون خواهشون قربان ڪري ڇڏيو. (معدن اخلاق، حصہ اول، ص 257) الله رَبُّ العِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰہُ السَّلَام جي نقش قدم تي هلندي تنگدستين، محتاجين ۽ گهريلو پريشانين کان گهٻرائجي گلا شڪوا ڪرڻ بجائي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ رجوع ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي ۽ دعا جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي جيئن تہ

## پريشان حال جي دعا

هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت ۾ هڪ شخص عرض ڪيو: حضور! گهر وارن جي فڪر مون کي پريشان ڪري رکيو آهي. منهنجي حق ۾ دعا ڪريو. جواب ڏنو "تنهنجا گهر وارا جڏهن تو کان اٽو ۽ ماني نہ هئڻ جي شڪايت ڪن تہ ان وقت الله تبارڪ و تعالیٰ کان دعا گهرندو ڪر تنهنجي دعا ان وقت قبوليت جي زياده قريب هوندي آهي. (روض الرياحين، ص25)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنز العمال)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جنهن جي تنگدستي عروج تي هوندي يقينن اهو گهڻو ڏکايل ۽ غمگين هوندو ۽ ڏک وارن جي دعا قبول ٿيندي آهي. جئين تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي ڇاپيل ڪتاب مُستَطاب ”فضائل دعا“ ۾ اعليٰ حضرت جي والد محترم رئيسُ المُتَڪَلِّمِين حضرت علامہ مولانا نقي علي خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡمَنَّان مستجاب الدعوات شخصيات (يعني جنهن ماڻهن جون دعائون قبول ٿينديون آهن) انهن ۾ سڀ کان پهرين نمبر تي لکيو آهي” اوّل مُضطَر (يعني بيچين و پريشان حال)“ ان جي شرح ۾ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاه احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: ان (يعني ڏکايل ۽ لاچار جي دعا جي قبوليت) جي طرف تہ خود قرآن عظيم ۾ ارشاد موجود آهي.

اَمَّنۡ يُّجِيۡبُ الۡمُضۡطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكۡشِفُ السُّوۡٓءَ (پ 20، النمل: 62)

**ترجموڪنزالايمان:** يا اهو جيڪو پريشان دل جي ٻُڌي ٿو جڏهن اهو کيس پڪاري ۽ تڪليف ٽاري ٿو. (فضائل دعا، ص.218)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خدا عَزَّوَجَلَّ جي قسم! دنيا جي رنگينين ۾ گم مالدار و صاحب اقتدار جي مقابلي ۾ سنتن جو پابند غريب و نادار خوش نصيب ۽ ان جو بخت جاڳيل آهي ۽ اهو آخرت ۾ ڪامياب آهي جيڪو غربت، مرض ۽ آفتن ۾ مبتلا هئڻ جي باوجود الله غفار عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسولِ ذي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪندڙ آهي.

زباں پر شکوۂ رنج و الم لایا نہیں کرتے
نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعہ جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (کنز العمال)

# مسڪينن جي لاءِ جنّت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهي مسلمان جيڪي اڄڪلهہ اهل دنيا جي نظر ۾ حقير تصور ڪيا وڃن ٿا، غريب سمجهي ڪري انهن کي مٺن مائٽن ۽ يارن دوستن کان پري ڪيو وڃي ٿو، پر قربان وڃان الله رَبُّ العِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي اهي ئي ماڻهون جنّت جي لاءِ عزت و عظمت جو باعث آهن جيئن تہ حضرت سيدنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا غريبن جي ملجا وماوٰي، احمد مجتبٰي، محمّدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عالي شان آهي ”جهنم ۽ جنّت ۾ بحث ٿيو تہ جهنم چيو “مون کي ظالم ۽ تڪبر وارن ماڻهن سان فضيلت ڏني ويئي آهي جنّت چيو مون کي ڇا ٿيو جو مون ۾ صرف ڪمزور، لاچار ۽ عاجز ماڻهون داخل ٿيندا. تہ الله تبارڪ و تعالٰي جنّت کي فرمايو اي جنّت! تون منهنجي رحمت آهين آئون منهنجي ٻانهن مان جنهن تي چاهيندس تنهنجي ذريعي رحم فرمائيندس. ۽ دوزخ کي فرمايو: اي جهنّم! تون منهنجو عذاب آهين آئون منهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهيندس تنهنجي ذريعي عذاب ڏيندس. (مسلم، ڪتاب الجنة الخ، باب النار يدخلها الجبارون الخ، ص 1524، حديث 2846 مختصراً)

حضرت سيدنا علامہ علي بن سلطان محمّد قادري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ البَارِى ان حديث پاڪ ۾ موجود لفظ ”ضُعَفَاء“ جي وضاحت ڪندي فرمائين ٿا. هتي ڪمزور مان مراد اهي مسلمان آهن جيڪي مالي ۽ جسماني طور ڪمزورآهن. (مرقاة المفاتيح، ڪتاب الفتن، باب خلق الجنة والنار، 662/9 تحت الحديث5694)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب وترهيب)

تاج و تخت و حکومت مت دے، کثرتِ مال و دولت مت دے

اپنی رِضا کا دے دے مُژدہ، یا اللہ مِری جھولی بھر دے (وسائلِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اڪثر جنّتي غريب هوندا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل روايت غريبن ۽ محتاجن لاءِ ڪيتري قدر تسلي جو نشان آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ غريبن ۽ مسڪينن تي رحم فرمائيندي انهن کي جنّت عطا فرمائيندو ۽ جنّت حاصل ڪرڻ وارا اڪثر خوش نصيب اهي مسلمان هوندا جيڪي دنيا ۾ فقر وفاقه ۽ غربت جي زندگي گذاري رهيا هوندا. جيئن ته حضرت سيدنا عبدالله بن عمرو رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته مڪّه مُڪرّمه، سلطان مدينهء مُنَوَّره صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي. اِطَّلَعْتُ فِی الْجَنَّةِ فَرَاَيْتُ اَكْثَرَ اَهْلِهَا الْفُقَرَآءَ يعني مون جڏهن جنّت کي ملاحظ ڪيو ڏٺو ته جنّتن ۾ اڪثر تعداد فقيرن (يعني غريب ماڻهن) جي آهي. (مسند احمد، مسند عبدالله بن عباس 504/1،حديث 2086)

دے حُسنِ اخلاق کی دولت، کر دے عطا اِخلاص کی نعمت

مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا، یا اللہ مِری جھولی بھر دے (وسائلِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعاءِ نبيءِ رحمت ۽ مسڪينن سان مَحبت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غربت ۽ مسڪيني ته اها آزمائش آهي جنهن ۾ مبتلا مسلمان جيڪڏهن صبر جي جهولي جهلي غور ۽

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

فڪر ڪري تہ ان ڪي خبر پوندي تہ حديث مبارڪ ۾ غريب ۽ مسڪين جا ڪيترا فضائل بيان ڪيا ويا آهن اسلام ۾ اهڙا ماڻهون حقير نہ پر لائق مَحبت آهن جيئن تہ حضرت سيدنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا. مسڪينن سان مَحبت ڪريو ڇو تہ مون رسولِ خدا، محبوبِ انبياء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي دعا ۾ هي لفظ شامل فرمائيندي ٻڌو اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِیْ مِسْكِيْنًا وَاَمِتْنِیْ مِسْكِيْنًا وَاحْشُرْنِیْ فِیْ زُمْرَةِ الْمَسَاكِيْن يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي مسڪيني جي حالت ۾ حياتي ۽ مسڪيني جي حالت ۾ ئي وصال عطا فرما ۽ مسڪينن جي ٽولي ۾ منهنجو حشر فرما. (ابن ماجه، ڪتاب الزهد، باب المجالسة الفقراء، 433/4، حديث 4126)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! غربت و مسڪيني پنهنجي رفاقت ۾ ڪيتريون برڪتون رکيو ويٺي آهي تہ شهنشاه خوش خصال، پيڪرِ حسن و جمال رسولِ بيمثال صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ مسڪينن جي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ ۽ اِنهيءَ ٽولي کي پنهنجي رفاقت جي برڪتن سان نوازڻ جي خواهش ۽ انهن سان مَحبت جي تلقين فرمائي رهيا آهن.

سلام اُس پر کہ جس کے گھر میں چاندی تھی نہ سونا تھا
سلام اُس پر کہ ٹوٹا بوریا جس کا بچھونا تھا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فقرا سان مَحبت قربت الاهي جو سبب

حضرت سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ محبوبِ ربُّ العِزّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي مخاطب ڪري ارشاد فرمايو. يَا عَائِشَةُ اَحِبِّى الْمَسَاكِيْنَ وَقَرِّبِيهِمْ فَاِنَّ اللّٰهَ يُقَرِّبُكِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني اي عائشہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا مسڪينن سان مَحبت ڪر، انهن کي پنهنجي ويجهو رک تہ جيئن بروز قيامت الله تعالٰي توهانکي پنهنجي قرب سان نوازي. (مشكاة المصابيع، كتاب الرقاق، باب فضل الفقراء الخ، الفصل الثاني1/255، حديث 5244 مختصراً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حقيقي مفلس ڪير؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!دنياوي مال جي محتاجي آخرت ۾ نعمتون ملڻ جو سبب آهي شرط اهو آهي تہ صبر جو دامن هٿ مان نہ ڇُٽي انهيءَ لاءِ ان حالت ۾ نہ پريشان ٿيو نہ تشويش ۾ مبتلا ٿيو. تشويش ناڪ غربت تہ آخرت جي غربت آهي ۽ اها ئي غربت حقيقت ۾ مصيبت آهي جئين تہ حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ پيڪر انوار، تمام نبين جا سردار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان پڇيو. ڇا توهان ڄاڻو ٿا مفلس ڪير آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اسان ۾ مفلس (يعني غريب، مسڪين) اهو آهي جنهن وٽ نہ درهم هجن ۽ نہ ئي ڪو ٻيو مال. تہ ارشاد فرمايو "منهنجي اُمت ۾ مفلس اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزو ۽ زڪوات کڻي ايندو پر ان فلاڻي کي گار ڏني هوندي، فلاڻي تي تهمت لڳائي هوندي، فلاڻي جو مال کاڌو هوندو، فلاڻي جو رت وهايو هوندو ۽ فلاڻي کي ماريو هوندو بس ان جي نيڪين مان انهن سيني کي حصو ڏنو ويندو.جيڪڏهن ان جي ذمي ايندڙ حق پورا ٿيڻ کان پهرين اُن جون نيڪيون ختم ٿي ويون تہ ماڻهن جا گناہ اُن

فرمانِ مُصطفٰى صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

تي وڌا ويندا پوءِ اُن کي جهنم ۾ وڌو ويندو). (مسلم، ڪتاب البر و الصلة الخ، تحريم الظلم، ص 1394، حديث 2581)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو وڃو! ڏکي وڃو! حقيقت ۾ مفلس اهو آهي جيڪو نماز، روزو، زڪوات، صدقا، سخاوتون، فلاحي ڪمن ۽ وڏي وڏي نيڪين جي باوجود قيامت جي ڏينهن خالي جو خالي رهجي وڃي! ڪڏهن گاريون ڏئي ڪري، ڪڏهن تهمت لڳائي ڪري، بغير اجازت شرعي ڌڙڪا داٻ ڏئي ڪري، بي عزتي ڪري، ذليل ڪري، مار ڪُٽ ڪري، عاريتًا (عارضي طور تي) ورتل شيون قصدًا واپس نہ ڪري، قرض ڦٻائي، دل ڏکائي جنهن کي دنيا ۾ ناراض ڪري ڇڏيو هوندو اهي ان جون سب نيڪيون وٺي ويندا ۽ نيڪيون ختم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ انهن جي گناهن جو وزن انهن تي وجهي ڪري داخل جهنم ڪيو ويندو.

الٰہی! واسِطہ دیتا ہوں مَیں میٹھے مدینے کا
بچا دُنیا کی آفت سے، بچا عُقبیٰ کی آفت سے (وسائلِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوْبُوْا اِلَى اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مفلسي ختم ڪرڻ جو وظيفو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان آخرت جي غريب ۽ حقيقي مفلس جي بدنصيبي ۽ دنياوي غريب و مسڪين جي خوش نصيبي جي متعلق ٻڌو اسان مان هر هڪ جو اهو ذهن هئڻ گهرجي تہ دنيا ۾

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

مال و دولت جي جيڪڏهن گهٽتائي وغيره جهڙي آزمائش اچي وڃي ته اهو صبر ڪندي ان کي برداشت ڪري ۽ آخرت جي غربت کان پناهه گهري ڇو ته آخرت جو غريب ئي حقيقت ۾ بدنصيب آهي ان کان علاوه اهو به ذهن نشين فرمائي ڇڏيو ته بقدرِ ڪفايت مال ڪمائڻ ٻين جي دستِ نگر (محتاج و حاجت مند) نه هئڻ ڪنهن تي بوجهه نه بڻجڻ ۽ ڪشادو روزگار هئڻ جي تمنا ڪرڻ برو ڪونهي. اهڙي طرح جي تمنا رکندي روزي لاءِ ڪوشش ڪرڻ ورد وظيفا پڙهڻ صالحين جو طريقو آهي جيئن ته حضرت ابن شيرويه رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائين ٿا ته هڪ ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي مشهور و مقبول ولي حضرت سيدنا معروف ڪرخي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ تنگدست و مفلس شخص پنهنجي غربت جي شڪايت ڪئي. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمايو الله تعاليٰ توکي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي اهل و عيال جي طرف موٽي وڃ ۽ هي لفظ ورد زبان رک مَا شَآءَ اللّٰهُ كَانَ (الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو چاهيو اهو ٿي ٿيو) اهو شخص هي ورد ڪندو گهر جي طرف وڃي رهيو هو ته رستي ۾ اُن جي ملاقات هڪ اڻڄاڻ شخص سان ٿي جنهن اُن کي هڪ ٿيلهي ڏني ۽ پاڻ هليو ويو. غريب شخص جڏهن ٿيلهي کولي ته دينارن سان ڀري پئي هئي هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اُتان کان ئي واپس موٽي حضرت سيدنا معروف ڪرخي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْقَوِی جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته اِن واقعي بابت ٻڌائي پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اُن شخص کي ڏسندي ئي فرمايو. اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانها! جڏهن تنهنجي حاجت

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)

پوري ٿي وئي هئي ته واپس ڇو آيا؟ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي. اهل وعيال جي طرف هي چوندي موٽي وڃ مَاشَآءَ اللّٰهُ كَانَ. (عيون الحكايات، ص 278)

**الله رَبُّ العِزَّت عَزَّوَجَلَّ جي اُنهن تي رحمت هجي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي .**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ
بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزي ۾ برڪت جو بهترين نسخو

حضرت سيدنا سَهَل بن سَعَد ساعِدي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بيان ڪن ٿا ته هڪ شخص حضور اَقدَس، شفيع روز محشر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي غربت ۽ تنگدستي جي شڪايت ڪئي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو.جڏهن تون پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيئن ته سلام ڪندو ڪر ڀلي ڪير به موجود نه هجي. پوءِ مون تي سلام ڪر ۽ هڪ ڀيرو قُل هُوَ الله شريف پڙهه اُن شخص ائين ئي ڪيو ته الله تعاليٰ اُن کي ايترو مالدار بڻائي ڇڏيو جو اُن پنهنجي پاڙي وارن ۽ مٽن مائيٽن ۾ به ورهائڻ شروع ڪري ڇڏيو. (القول البديع، الباب الثاني في ثواب الصلاة علي رسول الله الخ، ص273)

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

# تنگدستي جو علاج

مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 419 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”مدني پنج سوره“جي صفحي 246 تي آهي ”يَا مَلِکُ“ 90 ”دفعا جيڪو غريب ۽ نادار پڙهندو ڪري اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ غربت کان ڇوٽڪارو پائيندو). (مدني پنج سوره ص246)

تُو ہے مُعْطِی وہ ہیں قاسم یہ کرم ہے تیرا
تیرے محبوب کے ٹکڑوں پہ پلوں گا یاربّ (وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# رزق ۾ برڪت جو وظيفو

دعوت اسلامي جي شايع ڪندڙ اداري مڪتبة المدينہ جي ڇاپيل ڪتاب ”مفلوظات اعليٰ حضرت“جي صفحہ 128 تي آهي: هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ خدمت اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: تہ دنيا مون کان پٺ ڦيري ورتي آهي. فرمايو: ڇا اها تسبيع توکي ياد نہ آهي جيڪا تسبيع آهي ملائڪن جي ۽ جنهن جي برڪت سان روزي ڏني ويندي آهي. خلق دنيا ايندي تو وٽ ذليل ۽ خوار ٿي ڪري، طلوعِ فجر (فجر جو وقت شروع ٿيڻ) سان گڏ 100 ڀيرا چوندو ڪر ”سُبْحٰنَ اللّٰہِ وَبِحَمْدِہٖ سُبْحٰنَ اللّٰہِ الْعَظِیْمِ وَ بِحَمْدِہٖ اَسْتَغْفِرُ اللّٰہ“ ان صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ست ڏينهن گذريا هئا تہ خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪئي:”حضور! دنيا مون وٽ ايتري قدر آئي جو آئون حيران آهيان ڪيئن ڪٽان، ڪٿي رکان. (لسان الميزان،حرف العين 304/4، حديث 5100 زرقاني علي الموهب، ذڪرطبه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم من داءِ الفقر 428/9 و اللفظ له)

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنن جون صحبتون نيڪن جون دعائون ضرور رنگ ڏيکارينديون آهن. آفتن، مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪامل ٻانهن کان مدد طلب ڪرڻ سان بلائون ٽرنديون ۽ مشڪلاتون ڪافور ٿينديون آهن. ان کان علاوه قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان تعلق رکڻ ۽ عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت سان بہ حاجتون پوريون ٿيڻ ۽ مصيبتون دور ٿيڻ جا بيشمار واقعہ ملن ٿا جئين تہ دعوت اسلامي جي شايع ڪندڙ اداري مڪتبة المدينہ جي ڇاپيل 1548 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضان سنت“ جلد اول 980 تي آهي.

## مدني بهار ڪي.اي.ايس.سي ۾ نوڪري ملي ويئي

اورنگي ٽائون باب المدينہ ڪراچي جي هڪ زميندار اسلامي ڀاءُ پنهنجي مدني ماحول ۾ اچڻ ۽ روزگار ملڻ جو واقعو ڪجهه هيئن بيان فرمايو تہ 19.6.2003 تي هڪ اسلامي ڀاءُ جي دعوت ڏيڻ تي دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀرئي اجتماع جي طرف رخ ٿيو پر پابندي نہ ھُئي. بيروزگاري جي سبب پريشاني هئي هڪ اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ مدني قافلہ ڪورس جي لاءِ دعوت اسلامي جي عالمي مرڪز فيضان مدينہ ۾ داخلا وٺي ڇڏي اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ عاشقان رسول جي صحبتن ۽ برڪتن مون گنهگار تي مدني رنگ چاڙهي ڇڏيو، ۽ جيئڻ جو ڍنگ سيکاري ڇڏيو. مدني

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

قافلہ ڪورس پورو ڪرڻ ڪان پوءِ ٻئي يا ٽئي ڏينهن ڪجهہ دوستن ٻڌايو تہ ڪي.اِي .ايس .سي ڪي ملازمن جي ضرورت آهي اسان بہ درخواستون جمع ڪرائي ڇڏيون آهن توهان بہ ڪرائي ڇڏيو. مون عرض ڪيو اڄ ڪلهہ صرف درخواستن تي ڪٿي! سفارشن ۽ رشوتن تي نوڪرين جي ترڪيب نهي ٿي! پاڻ وٽ تہ ڪجهہ بہ ڪونهي. آخرڪار انهن جي اصرار تي مون بہ ”درخواست“ جمع ڪرائي ڇڏي. پهرين تحريري ٽيسٽ ٿيا پوءِ انٽرويو ۽ ان ڪان پوءِ ميڊيڪل ٽيسٽ جي صورت نهي. بيشمار با اثر ۽ پهچ وارين درخواستن جي باوجود آئون واحد اهڙو هئس جو هر جڳهہ ڪامياب رهيس. فائينل انٽرويو ۾ گهر وارن زور ڏنو تہ پينٽ شرٽ پائي وڃو پر آئون تہ عاشقان رسول جي صحبت جي برڪت سان انگريزي لباس ڇڏي چڪو هئس تنهنڪري سفيد شلوار قميص ۾ ئي پهچي ويس. آفيسر منهنجو مذهبي لباس ڏسي مون ڪان ڪجهہ اسلامي معلومات جا سؤال ڪيا. جن جا مون آساني سان جواب ڏئي ڇڏيا اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مون هي سڀ مدني قافلہ ڪورس جي اندر سکيا هئا. اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ غير ڪنهن شفارش ۽ رشوت جي مون کي نوڪري ملي ويئي. منهنجي گهر وارن دعوت اسلامي جي مدني قافلہ ڪورس ۽ مدني ماحول جي برڪت ڏسي ڪري حيران رهجي ويا ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي سان محبت ڪرڻ وارا ٻڻجي ويا. اهو بيان ڏيڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ آئون دعوت اسلامي جي علاقائي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لَاءِ طهارت آهي. (ابو يعلي)

مشاورت جي خادم (نگران) جي حيثت سان پنهنجي علاقائي ۾ سنتن جا ڏونڪا وڄائي رهيو آهيان ۽ مدني انعامن و مدني قافلن جي ڌوم مچائي آهي.

نوکری چاہیے، آیئے آیئے　قافلے میں چلیں، قافلے میں چلو
تنگدستی مِٹے، دُور آفت ہٹے　لینے کو بَرَکتیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ چند سنتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي"جنهن منهنجي سنت سان مَحبت ڪئي اُن مون سان مَحبت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشکاة المصابيع،کتاب الايمان، باب الاعتصام بالکتاب الخ، الفصل الثاني 55/1 حديث175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني لباس اپنايو جي چوڏهن حرفن جي نسبت سان لباس جا 14 مدني گل

ٽي فرامين مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاضر آهن ◉.جِنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي سِتر جي وچ ۾ پردو هي آهي تہ جڏهن ڪو ڪپڙا لاهي تہ بِسمِ الله چئي ڇڏي (المعجم الا وسط 59/2، حديث 2504) مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جيئن

فرمانِ مُصطفٰیﷺ: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ديوار ۽ پڙدا ماڻهن جي نگاهه جي لاءِ آڙ تين تا ائين ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جنن جي نگاهن کان آڙ ٿيندو جنات ان جي شرم گاهه کي ڏسي نه سگهندا. (مراة.268/2) ◉ جيڪو شخص ڪپڙا پائي ۽ هي پڙهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ كَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ [1] ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا. (شعب الايمان 181/5 حديث 6285) ◉ جيڪو باوجود قدرت زيب و زينت جو لباس پائڻ عاجزي جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ڪرامت جو لباس پارائيندو. (ابو داوٗد 326/4 حديث.4778) ◉ خاتَمُ الْمُرسَلِين، رَحمَةُ الِّلْعٰلَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لباس مبارڪ اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب الباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 36) ◉ لباس حلال ڪمائيءَ مان هجي ۽ جيڪو حرام ڪمائيءَ مان حاصل ٿيل هوندو تنهن ۾ فرض ۽ نفل ڪا به نماز قبول نه ٿيندي. (ايضًا ص 41) ◉ منقول آهي ته جنهن ويهي عمامو ٻڌو يا بيٺي پاجامو يا شلوار پاتي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا نه آهي. (ايضًا ص 39) ◉ پائڻ وقت ساڄي پاسي کان شروع ڪريو (اها سنت آهي) مثال جڏهن قميص پايو ته پهرين ساڄي آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪريو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾. (ايضًا ص 43) ◉ اهڙي طرح پاجامو پائڻ ۾ پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪريو ۽ جڏهن قميص يا پاجامو لاهڻ لڳو ته ان جي برعڪس ڪريو يعني کاٻي طرف کان شروع ڪريو. ◉ دعوت اسلامي جي شايع ڪندڙ

---

[1] ترجمو: تمام تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن مون کي هي ڪپڙو پارايو ۽ منهنجي طاقت ۽ قوت جي بغير مون کي عطاء فرمايو.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

اداري مڪتبة المدينہ جي ڇاپيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد 3صفحہ 409 تي آهي سنت اها آهي تہ دامن جي ڊيگهہ اڌ ٽنگ جي پنيءَ تائين هجي ۽ ٻانهن جي ڊيگهہ وڌ کان وڌ آڱرين جي چوٽي تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي. (رد المحتار 579/9) سنت هيءَ آهي تہ مرد جو پاجامو پيڏين کان مٿي رهي. (مرأة 94/6) ◉ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ اِن ڳالهہ جو خاص خيال رکو ◉ دعوت اسلامي جي شايع ڪندڙ اداري مڪتبة اللمدينہ جي ڇاپيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب بهار شريعت جلد اول صفحي 481تي آهي مرد جي لاءِ دُني جي هيٺ کان گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني اُن جو لڪائڻ فرض آهي. دُني اُن ۾ داخل نہ آهي ۽ گوڏا داخل آهن. (دُرمختار، ردالمحتار، 93/2) هن زماني ۾ گهڻا اهڙا آهن جيڪي تهبند (گوڏ) يا پاجامو اهڙي طرح پائين ٿا جو دني جي هيٺان ڪجهہ حصو ڪليل رهجي وڃي ٿو جيڪڏهن قميص وغيره ۾ اهڙي طرع لڪل هجي جو جسم (يعني چمڙي) جو رنگ نہ چمڪي تہ خير آهي نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿائي جي مقدار ڪليل رهيو تہ نماز نہ ٿيندي (بهار شريعت) خاص ڪري حج ۽ عمري جي احرام واري ڪي اِن ۾ سخت احتيات جي ضرورت آهي ◉ اڄ ڪلهہ ڪجهہ ماڻهون سر عام ماڻهن جي سامهون نيڪر (يعني هاف پينٽ) پائي ڦرن ٿا جنهن مان انهن جا گوڏا ۽ رانون نظر اچن ٿيون اهو. حرام آهي اهڙن جي گوڏن ۽ رانن جي طرف نظر ڪرڻ بہ حرام آهي .خاص ڪري راندين جا ميدان، ورزش ڪرڻ جي جڳهہ ۽ ساحلِ سمنڊ تي اهڙي طرح جا منظر گهڻا هوندا آهن. تنهن ڪري اهڙي جڳهين تي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

وجهڻ ۾ سخت احتياط ڪرڻ ضروري آهي. ◉ تڪبر جي طور تي جيڪو لباس هجي اهو منع آهي. تڪبر آهي يا نہ اُن جي سڃاڻپ هيئن ڪري اُنهن ڪپڙن جي پائڻ کان پهرين جيڪا پنهنجي حالت هوندي هئي جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ بہ حالت ساڳئي آهي خبر پئي تہ انهن ڪپڙن سان تڪبر پيدا نہ ٿيو. جيڪڏهن اها حالت باقي نہ رهي تہ تڪبر پيدا ٿي ويو تنهن ڪري اهڙن ڪپڙن کان بچجي ڇو تہ تڪبر تمام بُري صفت آهي.

(بهار شريعت 409/3 رد المحتار 579/9) (163 مدني گل ص20)

## مدني حُليو

ڏاڙهي، زلفون، مٿي تي سائو عمامو شريف، ڪليءَ واري سفيد قميص اڌ ٽنگ جي پنيءَ تائين ڊگهيون، ٻانهون هٿ گرانٽ ڊگهيون، سيني تي دل جي طرف واري کيسي ۾ نمايا ڏنڊڻ، پاجامو يا شلوار ٻيڏين کان مٿي. (مٿي تي سفيد چادر) ۽ پردي ۾ پردو ڪرڻ لاءِ مدني انعامات تي عمل ڪندي ناسي چادر بہ گڏ هجي تہ مدينہ مدينہ)

دعاءِ عطار: يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي ۽ مدني لباس ۾ رهندڙ تمام اسلامي ڀائرن کي سبز گنبذ جي ڇانوَ ۾ شهادت، جنت البقيع ۾ دفن ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمايا الله عَزَّوَجَلَّ سڄي امت جي مغفرت فرما.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف وریش میں لگ رہا ہے مَدَنی حُلیے میں وہ کتنا شاندار

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بہ ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصہ 16 ۽ (2) 120 صفحن جي ڪتاب سنتون ۽ آداب هديتًہ حاصل ڪريو ۽ پڙهو سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو

ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

مدني چينل جا ناظرين بہ حسب حال نيتون ڪري سگهن ٿا

◉ نظرون هيٺ ڪري خوب ڪن لڳائي ڪري ٻڌندس ◉ ٽيڪ لڳائي ويهڻ جي بجاءِ علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيستائين ٿي سگهيو گوڏن پر ويهندس ◉ ضرورتًا سرڪي ڪري ٻين لاءِ جڳهہ ڪشادي ڪندس ◉ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس گهورڻ، ڌمڪائڻ، الجهڻ وغيره کان بچندس ◉ صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!، اُذْكُرُوا الله، تُوْبُوْا اِلَى الله وغيره ٻڌي ڪري ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دلجوئي جي لاءِ وڏي آواز سان جواب ڏيندس ◉ بيان ڪانپوءِ پاڻ اڳيان وڌي ڪري سلام و مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس. (ثواب وذائڻ جو نسخو ص30)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

## بيان ڪرڻ جون نيتون

◉ حمد وصلوٰة ۽ مدني ماحول ۾ پڙهايا ويندڙ درود پاڪ پڙهائيندس ◉ درود شريف جي فضيلت ٻڌائي ڪري صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! چوندس، ائين پاڻ به درود پاڪ پڙهندس ۽ ٻين کي به پڙهائيندس ◉ سني عالم جي ڪتاب مان پڙهي ڪري بيان ڪندس◉ سيپارو 14 سورة النحل آيت 125

اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ

**ترجموڪنزالايمان:** پنهنجي رب جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان. ۽ بخاري شريف جي حديث 4361 ۾ آيل انهي فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ آیَة يعني پهچايو منهنجي طرفان ڀلي هڪ ئي آيت هجي. ۾ ڏنل احڪامن جي پيروي ڪندس ◉ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ برائي کان منع ڪندس ◉ اشعار پڙهندي ۽ عربي، انگريزي ۽ مشڪل لفظ ڳالهائيندي وقت دل جي اخلاص تي توجه رکندس يعني پنهنجي علميت جو دٻدٻو ويهارڻ مقصود هوندو ته ڳالهائڻ کان بچندس ◉ مدني قافلي مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جو شوق ڏياريندس.

(ثواب وڌائڻ جا نسخا ص29)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

